# مسلمان جي عزت ڪريو...!

**02-June-2022**



هفته وراه د سُنَّتو ډکه اِجتِماع کښې کېدونکے

د سُنَّتو ډک بيان

(For Islamic Brothers)

2 جون، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# مسلمان جي عزت ڪريو...!

هن بيان ۾ اوهان ڇاڻي سگهندؤ

✿...پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن چادر عطا فرمائي

✿... مسلمان جي بي عزّتي حرام آهي

✿...مسلمان کي تڪليف ڏيڻ تمام سخت گناهہ آهي

✿...مسلمان جي بي عزّتي جا ڪجهہ مثال

✿...سورة حُجُرات ۾ اجتماعي (گڏيلَ) زندگيءَ جا آداب

پيشڪش

**مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَه** (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درود شريف جي فضيلت

**فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن ڪي ڪا اهم حاجت پيش اچي، اهو مون تي ڪثرت سان دُرود شريف پڙهي ڇوته دُرودِ پاڪ ڏک، سور ۽ مصيبتن کي پري ڪندو ۽ رزق ۾ اضافو ڪندو آهي.**[1]

دُور ہوجائیں دُنیا کے رنج و اَلم | ہو عطا اپنا غم دیجئے چشمِ نم
مال ودولت کی کثرت کا طالب نہیں | تم پہ ہر دم کروڑوں دُرود وسلام[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون سنتون

**حديث پاڪ ۾ آهي:** اَفْضَلُ الْعَمَلِ النِّيَّةُ الصَّادِقَةُ **سچي نيت افضل ترين عمل آهي.**[3]

اي عاشقانِ رسول! هر ڪم کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪرڻ جي عادت بڻايو ڇوته چڱي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏي ٿي. بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺو! مثلاً نيت ڪيو! ۞ علم دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس. ۞ باادب ويهندس. ۞ پنهنجي اصلاح جي لاءِ بيان

1 ...بُسْتان الواعظين، صفحہ:241۔

2 ...وسائل بخشش، صفحہ:604۔

3 ...جامع صغير، صفحہ:81، حديث:1284۔

ٻڌندس. ۞ جيڪو ٻڌندس ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن چادر عطا فرمائي

حضرت جرير بن عبد الله بَجَلي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ صحابيءِ رسول آهن، پاڻ 10 سن هجري، رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ اسلام قبول ڪيائون، تمام گهڻا حسين ۽ جميل ۽ خوبصورت هئا، حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو فرمان آهي: جَرِيْرُ يُوسُفُ هٰذِهِ الْاُمَّةِ جرير بن عبد الله هن امّت جا يوسف آهن.[1] هڪ ڀيري سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي مبارڪ حُجري ۾ تشريف فرما هئا، صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم حاضر ٿيا، ايستائين جو حُجرو مبارڪ ڀرجي ويو، وڌيڪ ڪنهن جي ويهڻ جي جڳهه باقي نه هئي، حضرت جرير بن عبد الله بَجَلي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ به اچي ويا ، جڳهه ته هئي ڪونه، تنهنڪري پاڻ دروازي تي ئي ويهي رهيا، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ان کي ڏٺو ته پنهنجي چادر مبارڪ ويڙهي ڪري انهن ڏانهن اڇلائي فرمايائون: جرير! هيءَ چادر وڇائي هن تي ويهي رهو...! الله اڪبر! سرورِ انبياء، محبوبِ خدا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي طرفان اهڙي عزّت افزائي ڪا معمولي ڳالهه نه هئي، هاڻي صحابيءِ رسول حضرت جرير بن عبد الله بَجَلي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو ادب ۽ عشقِ رسول ڏسو! پاڻ چادر مبارڪ کي زمين تي ڪِرڻ نه ڏنائون، جهَٽي ڪري چادر مبارڪ کي هٿن تي ڪٽي ورتائون، ان کي چميائون ۽ اکين سان لڳائي بي اختيار روئڻ لڳا، روئيندي روئيندي عرض ڪيائون: يارسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! توهان مونکي عزّت ڏني، الله پاڪ توهان جي عزتن ۾ اجان وڌيڪ اضافو فرمائي، منهنجي اها مجال ناهي جو مان توهان جي مبارڪ چادر تي ويهان، اهو چئي ڪري پاڻ چادر مبارڪ بارگاهِ رسالت ۾ پيش ڪئي. ان تي الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اِذَا اَتَاكُمْ كَرِيْمُ قَوْمٍ فَاَكْرِمُوْهُ يعني جڏهن

[1] ...اُسْدُ الْغَابة، جلد:1، صفحه:529.

توهان وٽ قوم جو عزّت دار شخص اچي تہ ان جي عزّت ڪريو![1]

**اي عاشقانِ رسول!** قربان وڃو! رسولِ خدا، **احمد مجتبٰي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي** انهن خوش گوار ۽ نرالي ادائن تي...!! ٻنهي جهانن جا سردار آهن، **الله پاڪ** پنهنجي محبوبيت جو تاج عطا فرمايو، نبين جو امام بڻايو، ايڏو اَرْفَع ۽ اعلٰي بلند ترين مقام هئڻ جي باوجود مبارڪ اندازَ ڏسو! ڪهڙا نرالا آهن، هڪ غلام حاضر ٿئي ٿو ۽ سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **انهن ڪي پنهنجي چادر عطا فرمائن ٿا.** سُبْحٰنَ الله!

| | |
|---|---|
| تم عرش کے تاجدار مولٰی | تم فرش کے باوقار آقا |
| اس شان کے ہم نے کیا کسی نے | دیکھے نہیں زِینہار آقا |
| ایسا تو کہیں سُنا نہ دیکھا | بندوں کا اُٹھائیں بار آقا |
| جن کی کوئی بات تک نہ پوچھے | ان پر تمہیں آئے پیار آقا |
| ہو جانِ حسنؔ نثار تجھ پر | ہو جاؤں ترے نثار آقا [2] |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!	صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هر مسلمان عزّت دار آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ مسلمانن کي عزّت سان نوازيو آهي، ڪو غريب آهي يا امير، ڪو اَڇو آهي يا ڪارو، هر اهو شخص جنهن جي دل ۾ ايمان جو نور موجود آهي، ان جي مٿي تي عزّت جو تاج بہ سجايل آهي الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَلِلّٰهِ الْعِزَّةُ وَلِرَسُوْلِهٖ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ

(سيپارو:28،سورة مٰنفقون:8)

ترجمو ڪنزالعرفان: حالانڪ عزت تہ الله ۽ ان جي رسول ۽ مسلمانن جي ئي لاءِ آهي.

[1]...مڪارم الاخلاق، صفحہ:60تا61، حديث:71-

[2]...ذوق نعت، صفحہ:65و 67ملتقطاً-

هن آيتِ ڪريمہ ۾ صاف صاف فرمائي ڇڏيو تہ عزّت الله ربُّ العزّت جي آهي، ان جي عطا سان ان جا محبوب صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عزّتن وارا آهن ۽ محبوب اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ۾ پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هر هڪ غلام عزّت وارو آهي. تفسيرِ صراط الجنان ۾ آهي: هن آيت مان چار مسئلا معلوم ٿيا: (1) هرمؤمن عزّت وارو آهي، ڪنهن مسلم قوم کي ذليل ڄاڻڻ يا ان کي ڪميڻو چوڻ حرام آهي (2) مؤمن جي عزت ايمان ۽ نيڪ اعمال سان آهي، رپين پيسن سان ناهي (3) مؤمن جي عزّت هميشہ لاءِ آهي، فاني ناهي، ان ڪري مؤمن جي لاش ۽ قبر جي بہ عزّت ڪئي وڃي (4) جيڪو مؤمن کي ذليل سمجهي، اهو الله پاڪ جي ويجهو ذليل آهي، ڀانهو غريب هجي، مسڪين هجي پر هجي مسلمان تہ اهو عزّت وارو آهي جڏهن تہ ڪو ڪيترو بہ امير هجي مالدار هجي پر هجي ڪافر تہ عزّت وارو ناهي بلڪ جانورن کان بہ بَدتَرين آهي.[1] اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ پنهنجي عشق ڀري جذبات جو اظهار ڪجهہ هيئن ڪن ٿا:

| | |
|---|---|
| صاحبِ عزّت و جلال آقا | تُو ہے باعظمت و کمال آقا |
| میں ہوں بےرُوپ، بےجمال آقا | کچھ نہیں ڈھنگ اور کمال آقا |
| تری رحمت ہی سے ملی عزّت | خاک مجھ میں ہے کچھ کمال آقا |
| ٹھوکریں دربدر کی کیوں کھاؤں | تیرے دَم سے ہوں مالا مال آقا |
| تم نے ہی سر بلندیاں بخشیں | مجھ میں کچھ بھی نہ تھا کمال آقا |
| آپ نے صِرف اپنی رحمت سے | بخشی عزّت دیا جلال آقا[2] |

## مسلمان جي لُعاب جي بہ عزّت آهي

بهارِ شريعت ۾ هڪ مسئلو لکيل آهي، ان جو خلاصو هي آهي تہ ڏندڻ جنهن

[1]...تفسير صراط الجنان، پاره:28، سورۀ منٰفقون، تحت الآيۃ:8، جلد:10، صفحہ:169۔

[2]...وسائل بخشش، صفحہ:174تا175ملتقطاً۔

ڪي مسلمان استعمال ڪري چڪو هجي، جڏهن اهو مسواڪ(يعني ڏندڻ) استعمال جي قابل نہ رهي (مثال طور تمام ننڍو ٿي وڃي جو پڪڙيو نہ وڃي) تہ ان ڏندڻ کي يا تہ دفن ڪيو وڃي يا احتياط سان ڪنهن جڳهہ تي رکيو وڃي، ان استعمال ٿيل مسواڪ (يعني ڏندڻ) کي ايئن ئي اڇلائي ڇڏڻ درست ناهي. آخر ان جو ڇا سبب آهي؟ حڪمت ڇا آهي جو مسواڪ (يعني ڏندڻ) جو ايڏو اَدب ضروري آهي؟ مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان جون 2 حڪمتون لکيون آهن: (1): مسواڪ(ڏندڻ) سنّت ادا ڪرڻ جو آلو آهي (يعني هيءَ ننڍڙي ڪاٺي جنهن کي ڏندڻ چيبو ويندو آهي، ان ڪاٺيءَ کي حضور جانِ ڪائنات، فخرِ موجودات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هڪ عمل مبارڪ سان نسبت ٿي وئي، مسلمان بانهي سنّتِ مصطفٰي جي ادائگيءَ جي لاءِ ان ڪاٺيءَ کي استعمال ڪيو آهي، تنهنڪري هي ڪاٺيءَ جو هڪ ٽڪرو سنّت مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان نسبت رکڻ جي ڪري قابلِ احترام آهي). (2): ٻئي حڪمت هي آهي تہ مسلمان جي وات جو پاڻي (يعني مسلمان جي وات جو لُعاب) پاڪ آهي، ڇوتہ مسواڪ(ڏندڻ) مسلمان جي وات ۾ استعمال ٿيندو آهي، لهٰذا مسلمان جو لُعاب جيڪو هن مسواڪ(ڏندڻ) سان لڳو آهي، ان جو ادب ڪندي، مسواڪ(ڏندڻ) کي يا تہ دفنايو وڃي يا محفوظ جڳهہ تي احتياط سان رکيو وڃي تہ جيئن مسلمان جي لُعاب جي بيحرمتي نہ ٿئي. مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڌيڪ فرمائن ٿا: عالم سڳورا فرمائن ٿا: بيتُ الخلا (يعني واش روم) ۾ ٿڪڻ منع آهي، سبب؟ ڇا جي ڪري منع آهي؟ ان ڪري جو مسلمان جو لُعاب پاڪ آهي، بيتُ الخلا جهڙي جڳهہ تي هن پاڪ شيءِ کي اڇلائڻ مناسب ناهي،[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! اندازو لڳايو! هڪ مسواڪ(ڏندڻ)کي جڏهن رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان نہ بلڪ سندن هڪ سنّت سان نسبت ٿي تہ ان جي عزّت ٿي وئي تہ اهو انسان جنهن جو عزّت واري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ايمان جو رشتو آهي، ان جي ڪيڏي عزّت ٿيندي...؟ پوءِ هي بہ غور ڪريو! تہ مسلمان جي لُعاب جي جڏهن ايڏي عزّت آهي تہ ان کي ناپاڪ

[1]...بہارِ شريعت، جلد:1، صفحہ:294، حصہ:2 خلاصةً۔

جڳهه تي اچلائڻ ڪان عالمن منع فرمايو آهي ته ٿورو سوچيو! خود مسلمان جي پنهنجي عزّت ڪيڏي هوندي...؟

## مسلمان جي عزّت

ابن ماجہ شريف ۾ آهي، حضور جانِ ڪائنات، فخرِ موجودات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪعبي شريف کي مخاطب ڪندي فرمايو: اي ڪعبہ تون ڪيڏو پاڪ آهين! تنهنجي خوشبو ڪيڏي ته پاڪ آهي! تون ڪيڏو عظيم آهين! تنهنجي عزّت به ڪيڏي بلند آهي! ان ذات جو قسم جنهن قبضي ۾ محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي جان آهي بيشڪ هڪ مؤمن جي عزّت الله پاڪ وٽ تنهنجي عزّت ڪان وڌيڪ آهي.[1]

**پيارا اسلامي ڀائرو!** غور فرمايو! الله پاڪ مسلمانن کي ڪيڏي عزّتن سان نوازيو آهي، يقيناً درجات جي اعتبار سان عزّتن ۾ گهٽ وڌائي ته آهي، هڪ ولي الله جي ۽ عام مؤمن جي عزّت برابر ناهي، اهڙيءَ طرح عالمن جي عزّت عوام جي عزّت ڪان وڌيڪ آهي پر عزّت ته سيني جي آهي، جنهن جي دل ۾ به ايمان جو نور موجود آهي، ان جي مٿي تي عزّت جو تاج به سجايل آهي، لهٰذا اسان کي گهرجي ته هر مسلمان جي عزت ڪريون، ان جي حرمت جو خيال رکون. الله پاڪ جي پياري ۽ آخري نبي، مڪي مدني محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فريايو: جيڪو ڀانهو پنهنجي مسلمان ڀاءَ (جي عزت ڪندي، ان) جي گهوڙي جي مُهار پڪڙي، ان جو هيءُ عمل ڪنهن لالچ جي ڪري نه هجي، ڪنهن قِسم جي خوف جي ڪري نه هجي (بلڪ خالص الله پاڪ جي رضا جي لاءِ هجي) ته غَفَرَ اللهُ لَهٗ الله پاڪ ان مُهار پڪڙڻ واري جي مغفرت فرمائي ڇڏيندو آهي.[2]

اڳي زماني ۾ گهوڙن تي سفر ڪيو ويندو هو ته عزّت افزائي جو هي طريقو هو ته هڪ شخص گهوڙي جي مهار پڪڙيندو هو ته جيئن سوار ٿيڻ وارو آسانيءَ سان سوار ٿي وڃي، اهڙيءَ طرح جڏهن ڪو گهوڙي سوار ايندو

---

[1]...ابن ماجہ، ڪتاب الفتن، صفحہ:633، حديث:3932۔

[2]...معجم الاوسط، جلد:1، صفحہ:287، حديث:1012۔

هو ته جلدي مان اڳتي وڌي ڪري گهوڙي جي مهار پڪڙي وٺندو هو، ته جيئن گهوڙي سوار آسانيءَ سان لهي وڃي. اڄ جي زماني ۾ ان جو مثال هيئن ٿيندو ته مثال طور هڪ شخص موٽر سائيڪل تي آيو، ٻيو جلدي مان اڳتي وڌي ڪري موٽر سائيڪل پڪڙي وٺي ته ڏيو مان پارڪ ڪريان ٿو، ان عمل سان ان کي ڪا لالچ نه هجي جو مثال طور سيٺ صاحب آهن، ڪي نگران صاحب آهن، مان انهن جي عزّت ڪندس ته هي مون تي نوازشن جا دروازا کولي ڇڏيندا، نه ئي ڪو خوف هجي جو سيٺ صاحب يا نگران تشريف ڪٺي آيا آهن، جيڪڏهن اڳتي وڌي ڪري موٽر سائيڪل پارڪ نه ڪندس ته انهيءَ مهل ٻڌائيندا يا ناراض ٿيندا، اهڙو ڪو معاملو نه هجي، نه لالچ هجي، نه ڪو خوف هجي بلڪ بانهو خالص الله پاڪ جي رضا جي لاءِ پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي عزّت ڪري ته ان جي برڪت سان الله پاڪ ان عزّت ڪرڻ واري جي مغفرت فرمائي ڇڏيندو آهي.

سُبْحٰنَ الله! الله پاڪ اسان کي ٻين جي عزّت ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## مسلمان جي عزّت ٻئي مسلمان تي حرام آهي

الله پاڪ جي آخري رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: كُلُّ الْمُسْلِمِ عَلَى الْمُسْلِمِ حَرَامٌ دَمُهُ وَمَالُهُ وَعِرْضُهُ يعني هر مسلمان جي رت ۽ مال ۽ عزّت ٻئي مسلمان تي حرام آهي.[1]

مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي شرح ۾ لکن ٿا: ڪو مسلمان ڪنهن مسلمان جو مال ان جي اجازت جي بغير نه کٽي، ڪنهن جي آبرو ريزي (يعني بيعزّتي) نه ڪري، ڪنهن مسلمان کي ناحق ۽ ظلم ڪندي قتل نه ڪري، ڇو جو هي سڀ سخت جُرم آهن.[2]

[1] ...مسلم، كتاب البر والصلة، صفحہ:1386، حديث:2564۔

[2] ...مرآة المناجيح، جلد:6، صفحہ:553۔

مفتي صاحب هڪ ٻئي مقام تي لکن ٿا: مسلمان کي نه دل ۾ حقير ڄاڻو! نه ان کي حقارت جي لفظن سان پڪاريو! نه ئي بُري لقبَ سان ياد ڪريو! نه ان جو مذاق بڻايو! اڄ اسان ۾ هي عيب گهڻو آهي، پيشي، نسب، يا غريبي ۽ مفلسي جي ڪري مسلمان ڀاءُ کي حقير ڄاڻيندا آهيون ته هو پنجابي آهي، هو بنگالي، هو سنڌي، هو سرحدي، اسلام اهي سڀ فرق مٽائي ڇڏيا. ماکيءَ جي مک مختلف گلن جي رس چوسيندي آهي ته ان جو نالو ماکي ٿي ويندو آهي ايئن ئي جڏهن حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو دامن پڪڙي ورتو ته سڀ مسلمان هڪ ٿي ويا، حَبَشي هجي يا رومي![1]

دامنِ مصطفےٰ سے جو لپٹا یگانہ ہوگیا | جس کے حضور ہوگئے اس کا زمانہ ہوگیا

## مسلمان جي بي عزّتي حرام آهي

حَجَّةُ الْوداع جو موقعو هو، الله پاڪ جي آخري نبي رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن منٰي شريف ۾ خطبو ارشاد فرمايو، ان خطبي ۾ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي مخاطب ڪندي فرمايو: هي ڪهڙو مهينو آهي؟ (بلڪل واضح ڳالهه هئي، حج جو موقعو آهي ۽ حج ذوالحجة الحرام ۾ ئي ادا ڪيو ويندو آهي پر صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جو ادب ڏسو!) صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي گمان ٿيو ته شايد حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هن مهيني جو نالو تبديل فرمائڻ وارا آهن، لهٰذا عرض ڪيائون: اَللهُ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم الله ۽ ان جا رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بهتر ڄاڻين ٿا. اسان جي آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اَلَيْسَ ذُوالْحِجَّةِ؟ ڇا هي ذوالحج جو مهينو ناهي؟ صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم عرض ڪيو: ڇو نه (يعني جي ها! ذوالحج جو ئي مهينو آهي) مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ٻيو سوال ڪيو: اَيُّ بَلَدٍ هٰذَا؟ هي ڪهڙو شهر آهي؟ (هيءَ بلڪل واضح ڳالهه هئي، حج مڪي ۾ ئي ادا ڪيو ويندو آهي پر صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم هن ڀيري به ادب ڪندي) عرض ڪيو: اَللهُ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَمُ الله ۽ ان جا رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بهتر ڄاڻن ٿا. پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

[1] ...مرآة المناجيح، جلد:6، صفحه:552ملتقطاً۔

فرمايو: اَلَيْسَ الْبَلْدَةَ؟ ڇا هي بَلَده (يعني مڪۂ مڪرّمہ) ناهي؟ سڀني عرض ڪيو: ڇو نہ (بلڪل هي مڪۂ مڪرمہ ئي آهي). پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ٽيون سوال ڪيو: هي ڪهڙو ڏينهن آهي؟ صحابۂ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جن هن ڀيري بہ ادب وچان چيو: اللهُ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَمُ الله ۽ ان جا رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بهتر ڄاڻين ٿا. رسول خدا، احمدِ مجتبٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اَلَيْسَ يَوْمَ النَّحْرِ؟ ڇا هي يومُ النَحَر ناهي؟ سڀني عرض ڪيو: ڇونہ (هي يومُ النَحر يعني قرباني جو ئي ڏينهن آهي). هاڻي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: بيشڪ جيئن هن ڏينهن جي، هن شهر ۽ هن مهيني ۾ حرمت ۽ عزّت آهي، توهان جي رت، توهان جا مالَ ۽ توهان جون عزّتون ايئن ئي هڪٻئي تي حرام آهن.[1]

حڪيمُ الامّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: حرم جي حد ۾ جيئن هڪ نيڪي هڪ لک بڻجي ويندي آهي، ايئن ئي گناهه هڪ جو لک آهي، ان ڪري پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هتي جو گناهه ٻين مقامات جي گناهه کان سخت تَرين آهي، ايئن ئي مسلمان جي رت، مال، عزّت ظُلَماً برباد ڪرڻ سخت ترين آهي.[2]

خدایا! کسی کانہ دل میں دکھاؤں | اَماں تیرے اَبدی عذابوں سے پاؤں

## مسلمان کي تڪليف پهچائڻ تمام وڏو گناهه آهي

مفتي صاحب هڪ مقام تي فرمائن ٿا: يعني جيئن ماهه ذِي الحج ۾ خصوصاً عرفہ جي ڏينهن، حرم شريف جي زمين ۾ گناهه ڪرڻ تمام وڏو ڏوهه آهي جو ان ۾ ٽن ڏوهن جو ميڙ آهي: (1): گناهه هڪ ڏوهه (2): محترم جڳهه جي بي حُرمتي ٻيو ڏوهه (3): حرمت واري تاريخ ۽ مهيني جي بي ادبي ٽيون ڏوهہ ايئن ئي مسلمان جي رت وهائڻ، مال کسڻ (۽ عزّت پامال ڪرڻ) ڪوڙ ڏوهن جو ميڙ آهي جو هي ظلم بہ آهي، الله پاڪ جي ناراضگي جو سبب بہ آهي ۽ رسولِ اڪرم،

---

[1]...بخاری، کتاب المغازی، باب حجۃ الوداع، صفحہ:1092، حدیث:4406ملتقطاً۔

[2]...مرآۃ المناجیح، جلد:4، صفحہ:173۔

نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تڪليف جو سبب پڻ آهي.[1] جو الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مَنْ اٰذٰى مُسْلِمًا فَقَدْ اٰذَانِيْ جنهن ڪنهن مسلمان کي تڪليف پهچائي، ان مون کي تڪليف پهچائي.[2]

هميشه هاتھ بھلائی کے واسطے اٹھیں | بچانا ظلم و ستم سے مجھے سدا یاربّ!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مسلمان جي بي عزّتي جا ڪجھ مثال

پيارا اسلامي ڀائرو! افسوس صد افسوس...! هاڻي اسان جي معاشري ۾ ڀين جي عزّت پامال ڪرڻ کي معمولي سمجهيو ويندو آهي ◈ ڪڏهن مذاق جي بنياد تي ڀين کي ذليل ڪيو ويندو آهي ◈ ڪو ڀين کي سخت جملا چوندو ۽ عزّتِ نفس پائمال ڪندو آهي◈ ڪنهن جي غريبي کي طعني ۽ بيعزّتي جو نشانو بڻايو ويندو آهي ◈ ڪنهن ذات کي گهٽ سمجهي ڪري ان کي معاشري ۾ ذليل ڪيو ويندو آهي ◈ جنهن وٽ نياڻيون ئي نياڻيون هجن، پٽ نہ هجن، ان کي طعنا ڏنا ويندا آهن ◈ سيٺ ملازم کي ذليل ڪندي ناهي شرمائيندو، سيني جي سامهون ان جي عزّت پامال ڪري ڇڏيندو آهي ◈ صدقو خيرات ڪرڻو هجي تہ ڪجھ امير شهرت جي چڪر ۾ غريبن جون تصويرون ڪڍندا آهن، پنهنجي نالي جي سخاوت جي واھ واھ ڪندا ۽ ويچارن غريبن جي عزّتِ نفس سان کيڏيندا آهن ◈ شادي وغيره ۾ ڪڏهن ڪڏهن غريب رشتيدارن کي ذليل ڪيو ويندو آهي بلڪ هاڻي تہ وَنْ ڪلڪ (*One Click*) فارمولو بہ اچي ويو، ماڻهو ڪِل ڀوڳ (يعني*Prank*) جي نالي تي ڀين جو مذاق ناهي ڪري سوشل ميڊيا تي ڏيندا ۽ لکن ڪروڙن جي سامهون ويچاري جي عزّت پامال ڪري ڇڏيندا آهن.

---

[1]...مرآة المناجيح، جلد:4، صفحہ:115 بتغير قليل-

[2]...معجم اوسط، جلد:2، صفحہ:387، حديث:3607-

# وياج ڪان وڏو گناھ

حضور نبيءِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُمْ ڪان پڇيو: ڇا توهان ڄاڻيو ٿا تہ الله پاڪ جي ويجهو وياج ڪان وڏو گناھ ڪهڙو آهي؟ صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن عرض ڪيو: اَللهُ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَمُ الله ۽ ان جا رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بهتر ڄاڻين ٿا. تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: بيشڪ الله پاڪ جي ويجهو وياج ڪان وڏو گناھ مسلمان جي عزّت کي حلال سمجهڻ آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! جڏهن الله پاڪ ۽ ان جي پياري محبوب جن مسلمانن کي اهڙي عزّتن سان نوازيو آهي تہ اسان تي لازم آهي تہ اسان ٻين جي عزّت ڪريون، اچو! هن ضمن ۾ قرآنِ ڪريم جي ڪجھ تعليمات ٻڌون ۽ انهن کي پنهنجي ڪردار جو حصّو بڻائڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا.

# سورة حُجرات ۾ اجتماعي زندگي جا آداب

سورة حُجرات 26هين سيپاري جي هڪ مختصر سُورت آهي، صرف 2 رڪوع ۽ 18 آيتن جي هن مختصر سورت ۾ تمام گهڻي تعليمات ڏني وئي آهي خاص طور مسلمانن کي اجتماعي (يعني ملي جلي ڪري رهڻ واري) زندگي جا آداب سيکاريا ويا آهن يعني اسان کي پنهنجن مسلمانن ڀائرن سان ڪهڙو رويو رکڻو آهي، اسان جا والدين هجن يا ڀيڻ ڀاءُ، پاڙي وارا هجن يا علاقي وارا يا پري جو ڪو عزيز هجي يا ڪو اڻ واقف مطلب تہ هر اهو شخص جيڪو مسلمان آهي، چاهي اهو دنيا جي ڪنهن ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڇو نہ رهندو هجي، جڏهن بہ اسان جي ان سان ملاقات ٿئي، اسان کي انهن سان ڪهڙو سلوڪ ڪرڻو آهي، ان بابت سورة حُجرات ۾ 6 مدني گلن جو خوبصورت گلدستو بيان ڪيو ويو آهي.

[1] ...شُعب الايمان، باب فی تحريم اعراض الناس، جلد:5، صفحہ:298، حديث:6711۔

اچو! قرآنِ ڪريم جا عطا ڪيل هي 6 مدني گلَ ٻڌون ۽ اڄ کان ئي انهن کي پنهنجي ڪردار جو حصو بڻائڻ جي ڪوشش ڪيون. اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِیْم!

## (1): ڪنهن جو مذاق نہ بڻايو...!!

الله پاڪ سيپاري: 26، سورة حُجرات جي آيت نمبر 11 ۾ ارشاد فرمايو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا يَسْخَرْ قَوْمٌ مِّنْ قَوْمٍ عَسٰۤى اَنْ يَّكُوْنُوْا خَيْرًا مِّنْهُمْ وَ لَا نِسَآءٌ مِّنْ نِّسَآءٍ عَسٰۤى اَنْ يَّكُنَّ خَيْرًا مِّنْهُنَّۚ

(سيپارو: 26، سورة حُجرات: 11 )

ترجمو ڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! مرد ٻين مردن تي نہ کلن ٿي سگهي ٿو تہ اهي انهن کلڻ وارن کان بهتر هجن ۽ نہ عورتون ٻين عورتن تي کلن، ٿي سگهي ٿو تہ اهي انهن کلڻ وارن کان بهتر هجن.

مسلمان جي عزّت ۽ تعظيم مان آهي تہ ڪهڙي طرح بہ ان جو مذاق نہ اڏايو وڃي. آيتِ ڪريمہ جي هن حصي ۾ انهيءَ ڳالھ جي تعليم ڏني وئي آهي تہ ڪو مرد ٻئي مرد جو ۽ ڪا عورت ٻيءَ عورت جو مذاق نہ بڻائي. هر هڪ جو پنهنجو ذوق هوندو آهي، زندگيءَ گذارڻ جو انداز پنهنجو هوندو آهي، اسان ڪنهن جي انداز تي تنقيد نٿا ڪري سگهون، اسان ڪنهن جي لباس تي، ان جي لائف سٽائل تي تنقيد نٿا ڪري سگهون، ايستائين جو جيڪڏهن ڪو گناهگار آهي تہ ان کي بہ سٺي انداز سان نيڪيءَ جي دعوت ڏني وڃي پر ان جو مذاق بڻائڻ هرگز درست ناهي. اُڄڪلھ اسان وٽ هيءَ وبا تمام گهڻو عام ٿي وئي آهي. ◈ ڪنهن ڏاڙهي شريف جي سنّت سجائي تہ ان تي تنقيد ◈ ڪو عمامو شريف جو تاج سجائي وٺي تہ ان تي تنقيد ◈ ڪو اڌ پِني تائين سنّت جي مطابق قميص پائيندو آهي تہ ان تي تنقيد ◈ لاچار غريبن جي لباس تي طعنا مهڻا ڏيندا آهن ◈ ٻين جو نقل ڪرڻ انهن جي انداز جو مذاق بڻايو ويندو آهي

◈ايستائين جو ڪجھ نادان قدرت جي نهيل شين جو مذاق ٺٽائيندي بلڪل بہ ناهن شرمائيندا ◈ ڪنهن جي اک ٽيڏي آهي تہ ان ڪي ڪاڻو چئي ڪري مذاق ٺٽائيندا آهن ◈ ڪنهن جو نڪ ڊگهو آهي تہ ان جي نڪ جو مذاق ◈ ڪنهن جا چپ ٿلها آهن تہ ان جي چپن جو مذاق ◈ ڪنهن ويچاري جي ٽنگَ ۾ مسئلو آهي تہ ان کي منڊو چئي ڪري مذاق ٺٽائيندا ۽ سامهون واري جي عزّتِ نفس کي ذرا ذرا ڪري ڇڏيندا آهن.

## مذاق ٺٽائڻ جا عذابات

هاءِ! اسان جون بي احتياطيون، هاءِ! هي غفلت...! الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: لَاتُمَارِ أَخَاكَ وَلَا تُمَازِحْهُ پنهنجي ڀاءُ سان جهيڙو نہ ڪريو، نہ ان جو مذاق ٺٽايو.[1]

هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي: ماڻهن جو مذاق ٺٽائڻ واري جي لاءِ جنت جو دروازو کوليو ويندو پوءِ ان کي پڪاريو ويندو: اچ! ويجهو اچ...! جڏهن هو ويجهو ايندو تہ دروازو بند ڪيو ويندو، اهڙي طرح ڪيئي ڀيرا ڪيو ويندو.[2]

هاءِ! اهي نادان جيڪي ڀين جي عزّت جو خيال ناهن رکندا، مذاق ڪندا ۽ ڀين کي ذليل ڪري کلندا ۽ خوشيون ملهائيندا آهن، هن روايت کي بار بار پڙهن، هن تي غور ڪن، ٿورو سوچيو تہ سهي...! اهو قيامت جو ڏهاڙو 50 هزار سالن جو ڏينهن، ٽامي جي ٽَتَل زمين، باھ وسائندڙ سج، هر پاسي نَفَسي نَفَسي جو عالم، انهيءَ صورت حال ۾ جڏهن ڪنهن کي جنّت جي طرف پڪاريو ويندو، ان جي دل ۾ ڪيڏي خوشي داخل ٿيندي، اهو پنهنجي قسمت تي رشڪ ڪندي، وڏي امّيد سان جنّت ڏانهن ڊوڙندو پر هاءِ...! جيئن ئي جنّت جي ويجهو پهچندو، دروازو بند ڪيو ويندو، ٿورو تصوّر تہ ڪريو! ان وقت ڪيڏي ندامت ٿيندي،

---

[1] ...ترمذی، کتاب البر والصلۃ، صفحہ:484، حدیث:1995۔

[2] ...شُعب الایمان، باب تحریم اعراض الناس، جلد:5، صفحہ:311، حدیث:6757۔

اميدن جا ڏيئا يڪدم اجهامي ويندا، خوشيون ملهائيندڙ دل ذرا ذرا ٿي ويندي جو هي بدنصيب دنيا ۾ ٻين جو مذاق بڻائيندو هو، قيامت جي ڏينهن ان کي بُري ڪم جو بدلو ڏنو ويندو.

بھائیوں کا دل دُکھانا چھوڑ دو | اور تمسخر بھی اُڑانا چھوڑ دو

## مذاق مسخري جو شرعي حڪم

اي عاشقانِ رسول! دنيا جي ڪنهن بہ ڪنڊ پاسي ۾ رهڻ وارو مسلمان هجي، اسان تي لازم آهي تہ اسان هرگز ان جو مذاق نہ بڻايون حضرت علّامہ عبد المصطفٰي رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: اِهانت ۽ تحقير جي لاءِ زبان يا اشارن يا ڪنهن ٻئي طريقي سان مسلمان جو مذاق بڻائڻ حرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.[1]

## (2): ڪنهن کي طعنو نہ ڏيو...!

اجتماعي زندگي جي آدابن جو ٻيو مدني گل بيان ڪندي الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَلَا تَلۡمِزُوۡۤا اَنۡفُسَكُمۡ (سيپارو:26، سورة حُجرات:11) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ پاڻ ۾ ڪنهن کي طعنو نہ ڏيو. |

تفسير صراط الجنان ۾ آهي: يعني زبان يا اشاري جي ذريعي هڪٻئي تي عيب نہ لڳايو، ڇو جو مؤمن هڪ جان وانگر آهن، جڏهن ڪنهن مؤمن تي عيب لڳايو وڃي تہ جڻ پاڻ تي ئي عيب لڳايو ويندو.[2]

هاءِ! هاڻي اسان وٽ ٻين کي طعني ڏيڻ جي وباء بہ تمام گهڻي آهي ◈ ڪو سنّتن تي عمل ڪري ◈ پنهنجو اٿڻ ويهڻ ◈ هلڻ ڦرڻ ◈ کائڻ پيئڻ ◈ پائڻ وغيره سنّت جي مطابق ڪري تہ ان تي طعنن جا تير وسايا ويندا آهن ◈ غريب کي غربت جو طعنو ڏنو ويندو آهي ◈ ڪڏهن ڪنهن جي ذات کي گهٽ

---

[1] ...جہنم کے خطرات، صفحہ:173۔

[2] ...تفسیر صراط الجنان، پارہ:26، سورۂ حجرات، تحت الآیۃ:11، جلد:9، صفحہ:430بتغیر قلیل۔

سمجهي ڪري ان کي ذات جو طعنو ڏنو ويندو آهي (حالانڪ ڪا ذات ذليل يا گهٽ ناهي عزّت جو معيار تقوٰي آهي) ◈ ڪو مزدوري ڪندو آهي تہ ان کي مزدوري جو طعنو ◈ جنهن وٽ صرف ڌيئرون ئي ڌيئرون هجن، پٽ نہ هجي، (حالانڪ ڌي الله پاڪ جي رحمت آهي، ان جي باوجود) ان کي طعنا ڏنا ويندا آهن. رشتن جي ڏي وٺ هجي يا الله نہ ڪري طلاق وغيره جو معاملو ٿي وڃي، ان وقت تہ شيطان خوب کُلي ڪري کيڏندو ۽ خوب طعني ۽ مهڻي جي آفت ۾ مبتلا ڪندو آهي.

## طعني ۽ مهڻي جي مذمت ۾ 2 حديثون

ڪاش! اسان الله پاڪ جي تعليمات کي سچيءَ دل سان عَملي طور اپنايون...!!!

(1): حضرت ابو درداء رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: گهڻي لعنت ڪرڻ وارا، گهڻا طعنا ڏيڻ وارا قيامت جي ڏينهن نہ گواهہ هوندا نہ شفيع.[1]

حڪيمُ الامّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ هن حديث پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي امّت قيامت جي ڏينهن اڳي جي نبين (عَلَيْهِمُ السّلام) جي گواهہ بہ هوندي (يعني هيءَ گواهي ڏيندي) تہ انهن پنهنجين امّتين کي تبليغ فرمائي ڇڏي ۽ گناهگارن جي شفاعت ڪرڻ واري بہ هوندي پر جيڪو مسلمان لعنت ڪرڻ ۽ طعنا ڏيڻ جو عادي هوندو، اهو هنن ٻنهي نعمتن کان محروم رهندو. لهٰذا دنيا ۾ لعن طعن جا عادي نہ بڻجو.[2]

(2): حضرت عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي، رسولِ اڪرم، نورِ مجسّم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مؤمن نہ طعنو ڏيڻ وارو هوندو آهي، نہ لعنت ڪرڻ وارو، نہ فحّش (يعني بيهوده) ڳالهائڻ وارو هوندو آهي.[3]

فحش ڳالھ جي معنٰي هي آهي: اَلتَّعْبِيْرُ عَنِ الْاُمُوْرِ الْمُسْتَقْبَحَةِ بِالْعِبَارَاتِ الصَّرِيْحَةِ يعني شرمناڪ

[1]...مسلم، كتاب البر والصلة، صفحہ:1004، حديث:2598۔
[2]...مرآة المناجيح، جلد:6، صفحہ:451 بتغير قليل ۔
[3]...ترمذی، کتاب البر والصلة، صفحہ:481، حديث:1977۔

ڪمن (مثال طور خراب ۽ بُرن معاملن) جو ڪليل لفظن ۾ بيان ڪرڻ.[1]

هن حديث پاڪ جي شرح ۾ مفتي صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هي عيبَ (يعني طعنا ڏيڻ، لعنت ڪرڻ ۽ فحش ڳالهائڻ، هي) سچي مسلمان ۾ ناهن هوندا، پنهنجا عيب نہ ڏسڻ، ٻين مسلمانن جا عيبَ ڳولهڻ، هر هڪ کي لعنت ۽ طعنا ڏيڻ اسلامي شان جي خلاف آهي. ڪجهہ ماڻهو جانورن کي، هوا کي گاريون ڏيندا آهن، ڪجهہ ماڻهو گاريون پهريان ڏيندا آهن، ڳالهائيندا بعد ۾ آهن، هي سڀ هن حديثِ پاڪ مان عبرت حاصل ڪن.[2]

## (3): هڪٻئي جا بُرا نالا نہ رکو...!

اجتماعي زندگيءَ جي آدابن مان ٿيون ادب قرآنِ ڪريم هي بيان ڪيو:

| | |
|---|---|
| وَلَا تَنَابَزُوْا بِالْاَلْقَابِ ؕ ( سيپارو: 26، سورة حُجرات:11) | ترجمو ڪنزالعرفان: هڪٻئي جا برا نالا نہ رکو |

صَدْرُالْاَفاضِل سيّد محمد نعيم الدّين مراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن آيت جي حوالي سان لکن ٿا: (يعني اهو نالو) جيڪو انهن کي ناپسند لڳي (انهن نالن سان نہ پڪاريو!) جيئن ڪنهن کي لمبو! ڊگهو! ڪارو! وغيره چئي ڪري پڪارڻ.[3]

## بُري نالي سان پڪارڻ جو حڪم

افسوس! اَڄڪلهہ هي مصيبت بہ معاشري ۾ عام ٿيندي پئي وڃي، انسان جو اصل نالو تمام سنو هوندو آهي، پوءِ بہ ماڻهو خبر ناهي ڇو ٻين کي بُرن نالن سان پڪاريندا آهن. جنهن جو جيڪو نالو هجي، ان کي انهيءَ نالي سان پڪارڻ گهرجي، پنهنجي طرفان ڪنهن جو ابتو نالو مثال طور ڊگهو، ٻِندرو وغيره نہ رکيو وڃي، عام طور هن طرح جي نالن سان سامهون واري جي دل

[1]...احياء علوم الدين، كتاب آفات اللسان، جلد:3، صفحہ:122۔
[2]...مرآة المناجيح، جلد:6، صفحہ:469بتغير قليل۔
[3]...خزائن العرفان، پاره:26، سورۂ حجرات، تحت الآية:11، صفحہ:950۔

آزاري ٿيندي آهي ۽ اهو هن سان چڙندو بہ آهي، ان جي باوجود پڪارڻ وارو ڄاڻي واڻي هرهر مزو وٺڻ جي لاءِ ان کي ابتي نالي سان پڪاريندو آهي. منهنجا آقا، اعلٰي حضرت، شاهہ امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ڪنهن مسلمان بلڪ ذمّي ڪافر کي بہ شرعي حاجت جي بغير اهڙن لقبن سان پڪارڻ جنهن سان ان جي دل ٽُٽي، ان کي ايذاء پهچي، شرعاً ناجائز ۽ حرام آهي، توڙي جو ڳالهہ فِيۡ نَفۡسِهٖ سچي هجي.[1]

مثال طور ڪنهن جو رنگ واقعي ڪارو آهي، ان جي باوجود ان کي ڪارو چئي ڪري پڪارڻ سان ان جي دل آزاري ٿيندي هجي تہ ان کي ايئن پڪارڻ ناجائز ۽ حرام ئي رهندو.

## ابتي نالي سان پڪارڻ جي مذمت

حضرت عُمير بن سعد رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ بيان ڪن ٿا، حُسنِ اخلاق جي پيڪر، نبين جي تاجوَر صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جنهن ڪنهن کي ان جي نالي کان علاوه نالي (يعني بُري لقب سان) سڏيو، ان تي فرشتا لعنت ڪندا.[2]

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (4): بدگماني نہ ڪريو...!

اجتماعي زندگي جي آدابن مان چوٿون ادب الله پاڪ هي بيان فرمايو:

| | |
|---|---|
| يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اجۡتَنِبُوۡا كَثِيۡرًا مِّنَ الظَّنِّ ۫ اِنَّ بَعۡضَ الظَّنِّ اِثۡمٌ<br>(سيپارو:26، سورة حُجرات:12) | ترجموڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! گهڻي گمان ڪرڻ کان بچو بيشڪ ڪو گمان گناهہ ٿي ويندو آهي. |

تفسير صراط الجنان ۾ آهي: آيت جي هن حصي ۾ الله پاڪ مسلمانن کي

[1] ...فتاوىٰ رضويہ، جلد:23، صفحہ:204۔
[2] ...جامع صغير، صفحہ:525، حديث:8666۔

تمام گهڻو گمان ڪرڻ کان منع فرمايو ڇوجو ڪجھ گمان اهڙا هوندا آهن جيڪي صرف گناهہ آهن، لھٰذا احتياط جو تقاضو هي آهي تہ گمان جي ڪثرت کان بچو وڃي.[1]

## گمان جا 3 قسم

عالم سڳورا فرمائن ٿا: گمان (يعني اسان جي دل ۾ اچڻ وارا خيال شرعي حڪم جي اعتبار سان) 3 قسمن جا آهن: (1): واجب: جيئن الله پاڪ سان سٺو گمان رکڻ (2): مستحب: جيئن نيڪ مسلمان سان سٺو گمان رکڻ (3): ممنوع ۽ حرام: جيئن الله پاڪ سان بُرو گمان رکڻ، ايئن ئي ڪنهن مسلمان جي لاءِ بدگماني ڪرڻ حرام آهي.[2]

## بدگماني ڪوڙ آهي

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: پنهنجو پاڻ کي بدگماني کان بچايو ڇو تہ بدگماني بدترين ڪوڙ آهي.[3]

## بدگمانيءَ جا ديني ۽ دنياوي نقصانات

تفسير صراط الجنان ۾ آهي: (1): جنهن جي باري ۾ بدگماني ڪئي، جيڪڏهن ان جي سامهون ان جو اظهار بہ ڪيو وڃي تہ ان جي دل آزاري ٿي سگهي ٿي ۽ شرعي اجازت جي بغير مسلمان جي دل آزاري حرام آهي (2): جيڪڏهن مسلمان جي سامهون ان جي متعلق بدگماني جو اظهار نہ ڪيو، بلڪ ان جي پرپٺ ڪيو تہ هي غيبت ٿي ويندي ۽ غيبت ڪرڻ بہ حرام آهي (3): بدگماني ڪرڻ وارو صرف پنهنجي گمان تي صبر ناهي ڪندو بلڪ هو سامهون واري جا عيبَ ڳولهڻ ۾ لڳي ويندو آهي ۽ ڪنهن مسلمان جا عيبَ ڳولهڻ بہ گناهہ آهي

---

[1]...تفسير صراط الجنان، پاره:26، سورۀ حجرات، تحت الآية:12، جلد:9، صفحہ:433 ـ

[2]...تفسير صراط الجنان، جلد:9، صفحہ:433 بتغير قليل۔

[3]...مسلم، كتاب البر والصلة، صفحہ:994، حديث:2563۔

(4): بدگماني جي هلاڪت مان هڪ هي بہ آهي تہ بدگماني ڪرڻ سان بغض ۽ حسد جهڙيون خطرناڪ باطني بيماريون پيدا ٿينديون آهن (5): بدگماني ڪرڻ سان ٻن ڀائرن ۾ دشمني پيدا ٿي ويندي آهي، سس ۽ نُنهن هڪٻئي جي خلاف ٿي وينديون آهن، مڙس ۽ زال ۾ هڪٻئي تي اعتماد ختم ٿي ويندو آهي، بدگماني جي ڪري ڳالهہ ڳالهہ تي پاڻ ۾ جهيڙو رهندو آهي ۽ آخرڪار ڪڏهن ڪڏهن طلاق جي نوبت بہ اچي ويندي آهي. بدگمانيءَ جي ڪري ڀاءُ ڀيڻ جي وچ ۾ تعلقات ٽٽي ويندا آهن ۽ ايئن هڪ خوش حال گهر اجڙي ويندو آهي (6): ٻين جي لاءِ بُرا خيالات رکڻ وارن ماڻهن تي فالج (يعني اڌ رنگي) ۽ دل جي بيمارين جو خطرو وڌيڪ هوندو آهي جيئن تہ حال ئي ۾ هڪ تحقيقي رپوٽ ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي تہ اهي ماڻهو جيڪي ٻين جي لاءِ مخالفاڻي سوچ رکن ٿا ان ڪري ذهني دٻاءُ جو شڪار ۽ ڪاوڙ ۾ رهندا آهن انهن ۾ دل جي بيمارين ۽ فالج جو خطرو 86% وڌي ويندو آهي.[1]

الله پاڪ اسان کي بدگماني جي آفت کان محفوظ فرمائي.

آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

## (5): ڪنهن جا عيبَ نہ ڳولهيو...!

اجتماعي زندگيءَ جي آدابن مان پنجون ادب هيءُ آهي تہ

| | |
|---|---|
| وَّلَا تَجَسَّسُوْا (سيپارو:26،سورة حُجرات:12) | ترجمو ڪنز العرفان: (لڪيل ڳالهين جي) جاسوسي نہ ڪيو. |

## تجَسّس چا کي چئبو آهي...!

ماڻهن جون پوشيده ڳالهيون ۽ عيبَ ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ کي تَجَسُّس چئبو آهي.[2] ◈ مثال طور ڪنهن کان پڇڻ: رات دير تائين جاڳندو رهندو آهين، فجر بہ

1...تفسير صراط الجنان ، جلد:9، صفحہ:435 تا436بتغير قليل ۔

2...حديقہ نديہ، الخلق الرابع والعشرون، جلد:3، صفحہ:160۔

پڙهندو آهين يا نہ؟ ◈ ڪنهن نوڪر رکيو تہ ان کان پڇڻ: توهان جو نئون نوڪر ڪم تہ صحيح ڪندو آهي يا نہ؟ هي بہ بنا اجازتِ شرعي پڇڻ عيب ڳولهڻ آهي ۽ ان سوال جي جواب ۾ پورو خطرو آهي تہ جنهن کان پڇيو ويو اهو نوڪر جي باري ۾ ڪم ۾ سست، حرام خور وغيره چئي ڪري گناهگار ٿي وڃي ◈ اهڙي طرح بنا اجازتِ شرعي ڪنهن جو ڪو عيب مَعْلوم ڪرڻ جي لاءِ ان جي پويان لڳڻ، ان جي گهر ۾ جهاتي پائڻ وغيره بہ تَجَسُّس ۾ داخل آهي.

## تَجَسُّس بابت 2 احڪام

(1): مسلمان جي عيب جوئي (يعني ان جا عيبَ ڳولهڻ) حرام آهي(2): نوڪر رکڻ يا ڪٿي شاديءَ جو ارادو آهي تہ ضرورت جي مطابق مَعْلُومات وٺڻ گناهہ ناهي.[1]

## مسلمانن جي عيبَن ڳولڻ جي مذمت

حديثِ پاڪ ۾ آهي: رسولِ خدا، احمدِ مجتبٰي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اي اهي انسانو جن زبان سان تہ ايمان آندو اٿوَ پر توهان جي دل ۾ اڃان تائين ايمان داخل ناهي ٿيو! مسلمانن جي غيبت نہ ڪريو ۽ نہ ئي انهن جي عيبن ڪي ڳولهيو ڇو جو جيڪو پنهنجي مسلمان ڀاءَ جو عيب ڳولهيندو الله پاڪ ان جو عيب ظاهر فرمائي ڇڏيندو ۽ الله پاڪ جنهن جو عيب ظاهر فرمائي ڇڏي تہ ان کي رُسوا ڪري ڇڏيندو آهي توڙي جو اهو پنهنجي گهر جي اندر (لِڪي ڪري ويٺو) هجي.[2] اي عاشقانِ رسول! هن مان معلوم ٿيو تہ مسلمان جي غيبت ڪرڻ ۽ انهن جا عيب ڳولهڻ منافقن جو ڪم آهي، هي بہ معلوم ٿيو تہ ٻين جي عيبن کي ڳولهڻ جو انجام ذلّت ۽ رُسوائي آهي جو جيڪو شخص ٻين جا عيب ڳولهيندو آهي، يقيناً ان ۾ بہ ڪو نہ ڪو عيب ضرور هوندو ۽ ممڪن آهي تہ اهو عيب اهڙو هجي جنهن جي ظاهر ٿيڻ سان اهو معاشري ۾ ذليل ۽ خوار ٿي وڃي. لهٰذا عيب ڳولهڻ وارن کي هن ڳالهہ کان ڊڄڻ گهرجي تہ انهن جي هن

[1] ...گناہوں کے عذابات، حصہ:1، صفحہ:32۔
[2] ...ابو داؤد، کتاب الادب، باب فی الغیبۃ، صفحہ:765، حدیث:4880۔

حرڪت جي ڪري ڪٿي الله پاڪ انهن جا اهي لڪيلَ عيبَ ظاهر نہ فرمائي ڇڏي جنهن سان اهي ذلت ۽ رُسوائيءَ جو شڪار ٿي وڃن.

## عيبن تي پردو وجهو...!

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي گهرجي تہ شريعت جي دائري ۾ رهندي ٻين جي عيبن تي پردو وجهندا ڪريون. بخاري شريف جي حديث پاڪ آهي، رسولِ اڪرم، نورِ مجسّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جنهن ڪنهن مسلمان جي عيب تي پردو وڌو، الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ان جي عيبن تي پردو وجهندو.[1] حضرت عبد الله بن عبّاس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا فرمائن ٿا: جڏهن توهان پنهنجي ساٿيءَ جا عيب ذڪر ڪرڻ جو ارادو ڪريو تہ (ان وقت) پنهنجي عيبن کي ياد ڪريو.[2] الله پاڪ اسان کي ٻين جي عيبن ڳولهڻ کان بچڻ، پنهنجن عيبن کي ڳولهڻ ۽ انهن جي اصلاح ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي، اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

## (6): غيبت نہ ڪريو...!

اجتماعي زندگيءَ جي آدابن مان ڇهون ادب هي آهي تہ ڪنهن مسلمان ڀاءُ جي غيبت نہ ڪئي وڃي. الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَلَا يَغْتَبْ بَّعْضُكُمْ بَعْضًا (سيپارو:26،سورة حجرات:12) | ترجمو ڪنز العرفان: ۽ هڪٻئي جي گلا نہ ڪيو. |

## غيبت ڇا کي چئبو آهي

ڪنهن جي باري ۾ ان جي غير موجودگي ۾ اهڙي ڳالهہ ڪرڻ جيڪڏهن اهو ٻڌي وٺي يا ان کي پهچي وڃي تہ ان کي ناپسند لڳي ان کي غيبت چئبو آهي.[3]

مثال طور ڪنهن جي مجلس مان اٿي وڃڻ کان بعد هن طرح چوڻ: ◈ يار!

---

[1]...بخاری، کتاب المظالم والغضب، صفحہ:630، حدیث:2442۔

[2]...شُعب الایمان، باب تحریم اعراض الناس، جلد:5، صفحہ:311، حدیث:6758۔

[3]...غیبت کی تباہ کاریاں ، صفحہ:438۔

هو ويو، جان ڇٽي، ◈ ڏيڍ هوشيار آهي ◈ ڳالهه ڳالهه تي ڪلندو هو وغيره. اهڙي طرح مُسْتَحَبّات ۽ نوافل ۾ سستي ڪرڻ واري جي باري ۾ هن طرح چوڻ: ◈ ان زندگيءَ ۾ ڪڏهن به عاشوري جو روزو نه رکيو ◈ هو اوّابين ڇا پڙهندو! ان ڪان هي ته پڇيو ته هي نوافل ڪهڙي وقت پڙهيا ويندا آهن ◈ هو تَبَرُّڪ ڇئي ڪري نِيازُ(خيرات) ته ڪائيندو آهي پر ان جي لاءِ چندو ڪڏهن به ناهي ڏيندو.[1]

## غيبت جي بابت احڪام

پيارا اسلامي ڀائرو! هي به مسلمان جي عزّت مان آهي ته اسان ان جي غيبت نه ڪريون، نه ئي ٻڌون جو (1): غيبت ڪبيره گناه، قطعي حرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي (2): غيبت کي حلال ڄاڻڻ وارو ڪافر آهي (3): غيبت ڪرڻ وارو فاسق ۽ گناهگار ۽ عذابِ نار جو حق دار ٿيندو آهي (4): شرعي مجبوريءَ بنا غيبت ٻڌڻ وارو به غيبت ڪرڻ واري وانگر ئي گناهه گار ٿيندو آهي.[2]

## غيبت جي مذمت ۾ 4 حديثون

(1): فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ڇا توهان ڄاڻو ٿا ته غيبت ڇا شيءِ آهي؟ صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم عرض ڪيو: اَللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم الله ۽ ان جا رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بهتر ڄاڻين ٿا. ارشاد فرمايائون: توهان پنهنجي ڀاءُ جو اهو عيب بيان ڪريو جنهن جي ذڪر کي هو ناپسند ڪندو هجي. عرض ڪيو ويو: ان جي باري ۾ توهان جي ڪهڙي راءِ آهي ته جيڪڏهن منهنجي ڀاء ۾ اهو عيب موجود هجي جنهن کي مان بيان ڪريان ٿو. ارشاد فرمايائون: توهان جيڪو عيب بيان ڪري رهيا آهيو جيڪڏهن اهو ان ۾ موجود هجي تڏهن ئي ته اها غيبت آهي ۽ جيڪڏهن ان ۾ اهو عيب ناهي ته پوءِ اهو بهتان آهي.[3] (2): الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: غيبت زنا کان به سخت آهي. ماڻهن عرض ڪيو، يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! غيبت زنا کان سخت ڪيئن

[1]...گناہوں کے عذابات، حصہ:1، صفحہ:27۔
[2]...گناہوں کے عذابات، حصہ:1، صفحہ:27۔
[3]...مسلم، کتاب البر والصلۃ، صفحہ:1002، حدیث:2589۔

آهي؟ ارشاد فرمايائون: مرد زنا ڪندو آهي پوءِ توبھ ڪندو آهي تہ الله پاڪ ان جي توبھ قبول فرمائيندو آهي ۽ غيبت ڪرڻ واري جي تيستائين مغفرت نہ ٿيندي جيستائين اهو معاف نہ ڪري ڇڏي جنهن جي غيبت ڪئي اٿس.[1] **(3):** رسولِ خدا، احمدِ مجتبٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: **جڏهن معراج ڪرايو ويو تہ مان اهڙن ماڻهن وٽان گذريس جَن جا ننهن ٽامي جا هئا ۽ اهي پنهنجن ننهن سان پنهنجن چهرن ۽ سينن کي پَٽي رهيا هئا، مون پڇيو: اي جبريل! عَلَيْهِ السَّلَام هي ماڻهو ڪير آهن؟ انهن چيو: هي اهي ماڻهو آهن جيڪي ماڻهن جو گوشت کائيندا ۽ انهن جي عزّت پامال ڪندا هئا.**[2] **(4):** پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: **جنهن دنيا ۾ پنهنجي ڀاءُ جو گوشت کاڌو ان وٽ قيامت جي ڏينهن ان جي ڀاءُ جو گوشت آندو ويندو ۽ ان کي چيو ويندو تہ تون جهڙيءَ طرح دنيا ۾ پنهنجي مئلَ ڀاءُ جو گوشت کائيندو هُئين هاڻي جيئري جو گوشت کاءُ اهو رڙيون ڪندو ۽ چهرو بگاڙيندي کائيندو.**[3]

پيارا اسلامي ڀائرو! غيبت، بدگماني، تجسس ۽ مسلمانن جي دل آزاري وغيره ڪوڙ سارن گناهن جي بابت تفصيلي معلومات جي لاءِ شيخِ طريقت اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو ڪتاب **غيبت جون تباھ ڪاريون** (جنهن ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ غيبت جا 18 سئو کان وڌيڪ مثال، غيبت ڪرڻ واري کان جان ڇڏائڻ جو طريقو، غيبت جون جائز صورتون، غيبت کان بچڻ جو انوکو طريقو، غيبت جي باري ۾ سوال ۽ جواب ۽ ان کان علاوه غيبت جي باري ۾ ڪافي معلومات) ۽ رسالو **احترامِ مسلم** پڙهي وٺو! اهڙي طرح مڪتبة المدينہ جا ڪتاب (1): **تڪليف نہ ڏيو** (2): **گناهن جا عذابات** (3): **بدگماني** (4): **۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارا اعمال** بہ خريد ڪريو! انهن کي پڙهو ۽ علم جو خزانو حاصل ڪريو!

## اسلامڪ اي بُڪ لائبريري جو تعارف

توهان هي ڪتاب اسلامڪ اي بُڪ لائبريري تان مفت ڊائون لوڊ بہ ڪري سگهو

1...شُعب الايمان، باب تحريم اعراض الناس، جلد:5، صفحہ:306، حديث:6741۔
2...ابو داؤد، ڪتاب الادب، صفحہ:765، حديث:4878۔
3...معجم الاوسط، جلد:1، صفحہ:450، حديث:1656۔

ٿا. اسلامڪ اي بُڪ لائبريري هڪ موبائل ايپليڪيشن آهي جيڪا ايندرائڊ ۽ IOS ٻنهي طرح جي ڊيوائز جي لاءِ موجود آهي هن ايپليڪيشن ۾ اسلامي ڪتاب مختلف زبانن ۾ دستياب آهن، ۽ جيڪڏهن ڪنهن کي ڪتاب پڙهڻ ۾ مشڪل هجي ته اهڙا ماڻهو آڊيو بُڪ لائبريري جي ذريعي ڪتابَ ٻڌي به علمِ دين کان فائدو کڻي سگهن ٿا، هن ايپليڪيشن جي ذريعي مڪتبة المدينه کان شايع (**Publish**) ٿيڻ وارا ڪتاب مفت ڊائون لوڊ به ڪري سگهجن ٿا، هي ايپليڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري ونو، پاڻ به فائدو کڻو ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو.

## ٻين جي عزّت جا محافظ بڻجو!

اي عاشقانِ رسول! اسان مسلمان آهيون ۽ اسلام اسان کي ٻين جي عزّت جو محافظ بڻايو آهي، ان ڪري اسان کي ٻين جي عزّت ته ڪرڻي ئي ڪرڻي آهي، ان سان گڏوگڏ ٻين جي عزّت تي پهرو به ڏيڻو آهي. ◈ مثال طور ڪو اسان جي مسلمان ڀاءُ جي غيبت ڪري رهيو آهي، هاڻي اسان تي لازم آهي ته ان کي غيبت کان روڪيون ◈ جيڪڏهن روڪي نٿا سگهون ته اتان کان اٿي وڃون ◈ اهڙي طرح ڪو اسان جي مسلمان ڀاءَ جو مذاق بڻائي رهيو آهي، ان کي طعنا ڏئي رهيو آهي، ان جا عيب ظاهر ڪري رهيو آهي ته جيستائين ٿي سگهي اسان کي گهرجي ته حڪمتِ عمليءَ سان پنهنجي مسلمان ڀاءَ جي عزّت جي حفاظت ڪريون ۽ ثواب ڪمايون. حضرت ابو درداء رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي ته پياري آقا، مديني واري مصطفٰيصَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: جيڪو به پنهنجي مسلمان ڀاء جي عزّت جي حفاظت ڪندو آهي الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ان جي جهنم کان حفاظت فرمائيندو، [1]

## مسلمانن جي عزّت وڌائڻ جا نبوي انداز

اي عاشقانِ رسول! اچو! آخر ۾ پياري پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي

[1]...شرح السنہ، کتاب البر والصلۃ، باب الذب عن المسلمین، جلد:7، صفحہ:346، حدیث:3528۔

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون ڪجھ پياريون پياريون ادائون ٻڌون ٿا، پياري نبيءِ رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون هي پياريون ادائون به مسلمانن جي عزّت ڪرڻ جي لاءِ اسان جي لاءِ رهنما آهن. ◈ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هر وقت پنهنجي زبان جي حفاظت فرمائيندا ۽ صرف ڪم جي ئي ڳالھ ڪندا هئا ◈ اچڻ وارن کي محبت ڏيندا، اهڙي ڪا ڳالھ يا ڪم نه ڪندا هئا جنهن سان نفرت پيدا ٿئي ◈قوم جي معزز ماڻهوءَ جو لحاظ فرمائيندا ۽ ان کي قوم جو سردار مقرر فرمائيندا هئا◈ ماڻهن کي الله پاڪ جي خوف جي تلقين فرمائيندا هئا ◈ صحابهءِ ڪرام جي سارَ لهندا هئا ◈ ماڻهن جي چڱي ڳالهين جي چڱائي بيان فرمائيندا ۽ ان جي تقويت فرمائيندا، بُري شيءِ کي بُرو ٻڌائيندا ۽ ان تي عمل ڪرڻ کان روڪيندا هئا ◈ هر معاملي ۾ اعتدال (يعني وچٽرائي) سان ڪم وٺندا هئا ◈ ماڻهن جي اصلاح فرمائيندا رهندا هئا ◈ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اٿندي ويهندي (يعني هر وقت) ذڪر الله ڪندا رهندا هئا ◈ جڏهن ڪٿي تشريف کڻي ويندا هئا ته جتي جڳھ ملندي هئي اتي ويهي رهندا ۽ ٻين کي به ان جي تلقين فرمائيندا هئا ◈ سيني جي حقن جو لحاظ رکندا هئا ◈ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ حاضر رهڻ واري هر ماڻهوءَ کي اِهوئي محسوس ٿيندو هو ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سيني کان وڌيڪ مونکي چاهين ٿا خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿي ڪري ڳالهائڻ واري سان ان وقت تائين تشريف فرما رهندا هئا جيستائين اهو پاڻ نه هليو وڃي ◈ جڏهن ڪنهن سان مصافحو فرمائيندا (يعني هٿ ملائيندا هئا) ته پنهنجو هٿ ڇڪڻ ۾ اڳرائي نه فرمائيندا هئا ◈ سائل (يعني گهرڻ واري) کي عطا فرمائيندا هئا ◈ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سخاوت ۽ خوش خُلقي هر هڪ جي لاءِ عام هئي ◈ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي علم جي مجلس، بُردباري، حياء، صبر ۽ امانت جي مجلس هئي◈ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مجلس ۾ نه شور ۽ دانهون هونديون هيون نه ڪنهن جي تذليل (يعني بيعزّتي) ◈ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مجلس ۾ جيڪڏهن ڪنهن سان ويسَر ٿي ويندي هئي ته ان کي شهرت نه ڏني ويندي

هئي ◈ جڏهن ڪنهن جي طرف متوجهه ٿيندا ها تہ مڪمل توجهه فرمائيندا هئا ◈پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪنهن جي چهري تي نظر نہ وجهندا هئا ◈ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪنواري ڇوڪريءَ کان بہ وڌيڪ حياء وارا هئا ◈ سلام ۾ اڳرائي فرمائيندا هئا ◈ ٻارن کي بہ سلام ڪندا هئا ◈ جيڪو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي پڪاريندو هو، جواب ۾ لَبَّيْڪ (يعني مان حاضر آهيان) فرمائيندا هئا ◈مجلس واري ڏي پير نہ ڪندا هئا ◈ اڪثر قبلي ڏانهن رخ ڪري ويهندا هئا ◈ پنهنجي ذات جي لاءِ ڪڏهن بہ بدلو نہ وٺندا هئا ◈ بُرائي جو بدلو بُرائيءَ سان ڏيڻ جي بدران معاف فرمائي ڇڏيندا هئا ◈ راهِ خدا ۾ جهاد کان علاوه ڪڏهن بہ ڪنهن کي پنهنجي مبارڪ هٿ سان نہ ماريائون، نہ ڪنهن غلام کي نہ ڪنهن عورت (يعني گهرواري وغيره) کي ماريائون ◈ ڳالهائڻ ۾ نرمي هوندي هئي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: الله پاڪ جي ويجهو قيامت جي ڏينهن ماڻهن مان سيني کان بُرو اهو آهي جنهن کي ان جي بدڪلامي (بُري ڳالهائڻ) جي ڪري ماڻهو ڇڏي ڏين ◈ پاڻ ڪريمصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڳالهائيندا تہ (ايتري قدر آهستہ هئا جو) لفظن کي ڳڻڻ وارو ڳڻي سگهندو هو ◈ طبيعت ۾ نرمي هئي ۽ تمام گهڻو خوش رهندا هئا ◈ سخت گفتگو نہ فرمائيندا هئا ◈ ڪنهن جو عيب نہ ڪڍندا هئا ◈ ڪنهن جو عيب نہ ڳولهيندا هئا ◈ صرف اها ڳالهہ ڪندا جيڪا (پاڻ ڪريمصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حق ۾) ثواب جو باعث هجي ◈ مسافر يا اجنبي ماڻهوءَ جي سخت ڪلامي سان سوال تي صبر فرمائيندا هئا ◈ ڪنهن ڳالهہ کي نہ ٽاريندا البت جيڪڏهن ڪو حد کان وڌڻَ لڳندو هو تہ ان کي منع فرمائيندا ۽ اتان کان اٿي ويندا هئا ◈ سادگيءَ جو عالَم هي هو جو ويهڻ جي لاءِ ڪا خاص جڳهہ بہ نہ رکي هئائون ◈ ڪڏهن چٽائي تي تہ ڪڏهن ايئن ئي زمين تي بہ آرام فرمائيندا هئا ◈ ڪڏهن ٺهڪُ (يعني ايتري آواز سان کلڻ جو ٻيا ماڻهو هجن تہ ٻڌي وٺن) نہ ڏنائون ◈ صحابہءِ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوان فرمائن ٿا: پاڻ ڪريمصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سيني کان وڌيڪ مسڪرائڻ وارا هئا (يعني موقع جي مناسبت سان) حضرت عبد الله بن حارث رَضِيَ اللهُ عَنْهُما فرمائن ٿا تہ

مون رسولُ الله ﷺ ڪان وڌيڪ مُسڪرائڻ وارو ڪير ناهي ڏٺو.[1]

يا الٰہی! جب بہیں آنکھیں حسابِ جرم میں | اُن تبسم ریز ہونٹوں کی دعا کا ساتھ ہو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني قافلو

پيارا اسلامي ڀائرو! بااخلاق ۽ باڪردار ۽ سنو مسلمان بڻجڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو، ذيلي حلقن جي 12 ديني ڪمن ۾ به خوب وڌي ڪري حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! زندگي ۾ بهار ايندي، ڪردار نکري ڪري صاف سٿرو ٿي ويندو ۽ دين ۽ دنيا جون بي شمار ڀلايون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم آهي: مدني قافلو. اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌؤن ٿا:

## نشي جي بُري عادت ختم ٿي وئي

جيڪب آباد سنڌ جي علاقي سان تعلق رکڻ واري اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪجھ هن طرح آهي: ڀهريان مان غلط عقائد رکڻ وارو ۽ اخلاقي بُرائين جي اونهي کاهيءَ ۾ ڪريل هيس روزانو رات جو 8 ڪان 12 وڳي تائين ڀنگ، چرس ۽ شراب وغيره جو نشو ڪندو هيس، پوءِ نشي ۾ چور ٿي ڪري گهر پهچندو هيس ۽ بستري تي بي خبر ٿي ڪري سمهندو هيس منهنجي امڙ منهنجي حالت ڏسي ڪري روئيندي رهندي هئي ۽ مونکي سمجهائيندي هئي پر مون تي ٿورو به اثر نه ٿيندو هو، پوءِ اندازي مطابق 2010ء ۾ اسان جي علاقي ۾ سيلاب آيو ته اسان هڪ محفوظ مقام تي پناهه ورتي. اتي مان گهڻو بيمار ٿي ويس، منهنجي خوش نصيبي جو انهي دوران منهنجي ملاقات دعوتِ اسلامي سان وابسته هڪ اسلامي ڀاءُ سا ٿي وئي، جنهن جي انفرادي ڪوشش جي نتيجي ۾ زندگيءَ ۾ ڀهريون ڀيرو مونکي مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت نصيب ٿي.

---

[1] ...احترام مسلم، صفحه:27 تا30.

الحمد لله! مدني قافلي جي برڪت سان بُرن عقيدن ۽ نشي جي بُري عادت کان توبھ جي توفيق بہ ملي وئي، بيان ڏيڻ وقت مان جامعةُ المدينہ ۾ درجہ ثانيہ (يعني ٻئي سال) جو طالبِ علم آهيان.[1]

| | |
|---|---|
| اچھی نیّت کا پھل پاؤ گے بے بدل | سب کرو نیّتیں قافلے میں چلو |
| دُور بیماریاں اور ناداریاں ہوں | ٹلیں مشکلیں قافلے میں چلو |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام جي طرف آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سَعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدار رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِی فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[2]

| | |
|---|---|
| سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا |

## سلام ڪرڻ جون سنتون ۽ آداب

فرمانِ مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: اَلسَّلَامُ قَبْلَ الْکَلَامِ ؛ سلام ڳالھ ٻولھ کان پهريان آهي.[3]

پيارا اسلامي ڀائرو! مسلمان سان ملاقات ڪرڻ وقت ان کي سلام ڪرڻ سنّت آهي. ◈ سلام ڪرڻ وقت دل ۾ اها نيّت هجي تہ جنهن کي سلام ڪري رهيو آهيان ان جو مال ۽ عزت، آبرو سڀ ڪجھ منهنجي حفاظت ۾ آهن ۽ مان انهن مان ڪنهن شيءِ ۾ دخل اندازي ڪرڻ حرام سمجهان ٿو ◈ ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا ملاقات ٿئي، هڪ ڪمري کان ٻئي ڪمري ۾ بار بار اچ وڃ ٿئي، اتي موجود مسلمانن کي سلام ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي ◈ سلام ۾

---

[1] ...بد شگونی، صفحہ:112۔

[2] ...مشکوٰۃ،کتابُ:الْایمان،بابُ:الْاعْتصَام، جلد:1، صفحہ:55، حدیث:175۔

[3] ...ترمذی، کتاب:الَاستئذان، باب:مَاجاء فی السلام قبل الکلام، صفحہ:635، حدیث:2699۔

اڳرائي ڪرڻ وارو **الله** پاڪ جو مُقرّب آهي. ◈ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو تَڪَبُّر کان بہ بَري آهي جيئن منهنجي مڪي مدني آقا، مني مني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان آهي: سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو تَڪَبُّر کان بَري آهي. ◈ سلام (۾ اڳرائي) ڪرڻ واري تي 90 رحمتون ۽ جواب ڏيڻ واري تي 10 رحمتون نازل ٿينديون آهن. ◈ اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ چوڻ سان 10 نيڪيون ملن ٿيون، گڏوگڏ وَرَحْمَةُ الله بہ چوندا تہ 20 نيڪيون ٿي وينديون ۽ وَبَرَكَاتُهٗ شامل ڪندؤ تہ 30 نيڪيون ٿي وينديون. ◈ اهڙيءَ طرح جواب ۾ وَعَلَيْكُمُ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ چئي ڪري 30 نيڪيون حاصل ڪري سگهجن ٿيون ◈ ڪي ماڻهو سلام سان گڏ جنّتُ الْمقام ۽ دوزخُ الْحرام جا الفاظ بہ وڌائيندا آهن اِهو غلط طريقو آهي، ۽ هي جملو لُغَتَ جي حساب سان بہ غلط آهي بلڪ ڪي ماڻهو تہ **مَعاذالله** عَزَّوَجَلَّ ايتري تائين بڪندا آهن، اوهان جا ٻار اسان جا غلام. امام احمد رضا فتاوي رضويہ جلد 22 صفحي 409 تي فرمائن ٿا: گهٽ ۾ گهٽ اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ ۽ ان کان بهتر وَرَحْمَةُ الله ملائڻ ۽ سڀ کان بهتر وَبَرَكَاتُهٗ شامل ڪرڻ آهي هن تي زيادتي (يعني اضافو) ناهي. سلام ڪرڻ واري اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ چيو تہ جواب ۾ وَعَلَيْكُمُ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ الله چئي ۽ جيڪڏهن سلام ڪرڻ واري اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ الله چيو تہ هي وَعَلَيْكُمُ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ چئي ۽ سلام ڪرڻ واري وَبَرَكَاتُهٗ چيو تہ جواب ڏيڻ بہ ايترو ئي چئي هن کان وڌيڪ ناهي ◈ سلام جو جواب فوراً ۽ ايتري آواز سان ڏيڻ واجِب آهي جو سلام ڪرڻ وارو ٻڌي وٺي. سلام ۽ ان جي جواب جي درست ادائيگي ياد فرمائي وٺو. پهريان مان چوان ٿو توهان ٻڌي ڪري پڙهو: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ (اَسّ. سَلَا. مُ.عَلَيْ. ڪُم) هاڻي پهريان مان جواب ٻڌايان ٿو پوءِ توهان ان کي پڙهو: (وَ. عَ. لَيْڪُ. مُسّ. سَلام).[1]

رضائے حق کیلئے تم سلام عام کرو | سلامتی کے طلب گارہو سلام کرو

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" جلد: 3 حصو 16 ۽شيخِ طريقت، اميرِ

---

[1] ...550سنتیں اور آداب، صفحہ:30-32۔

**اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ **جو**91 **صفحن جو رسالو** 550 **سنّتون ۽ آداب خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر پڻ آهي.**

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو | ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو

**الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.**

آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.